عاجز جا آلاپ

(مهاتما ٽولارام ڀالاڻيءَ
جو جيون ۽ ٻاڻي)

نوجيون ساهتيه منڊل
اجمير.

عاجز جا آلاپ

(مهاتما ٽولارام ٻالاڻي "عاجز"


جو

جيون، بيت، صوفي ڪلام وغيره)

گڏ ڪندڙ:- پريداس برهمچاري

پرڪاشڪ:- نوجيون ساهتيہ منڊل
پيڙا نواب، اجمير.

قيمت ١٠ آنا] آڪٽوبر ١٩٦٠ [ڪاپيون ٥٠٠



شري ٽولارام ٻالاڻي (عاجز)

جنم
ڏياري ١٨٨٤

انتر ڌيان
١٣ جولاء ١٩١٣

فهرست

Printed by Shri Mellaram M. Vaswani at the Sunder Printing Press, Kaiser Gunj, Ajmer

&

Published by Shri Prabhudas Brahmachari for Navajiwan Sahitya Mandal, Bera-Nawab, Ajmer.

ٻه اکر

هڪ مشهور انگريز شاعر چيو آهي -

Full many a flower is born to blush unseen,
And waste its sweetness on the desert air,

ڪي سهڻا خوشبودار گل ٻرپٽن ۾ ٻه ٿيندا آهن، جي اڻڏٺي ٽڙي ناس ٿي ويندا آهن ۽ سندن نزاڪت، سونهن ۽ سڳنڌ جو ڪو ٻه مزو ڪونه وٺندو آهي ۽ نڪو ڪو ڪين ڏسي سندن ساراه جا گيت ڳائيندو آهي.

هيءَ اُن وقت جي ڳالهه آهي جڏهن سنڌ گهڻو پٺتي پيل هئي، جتي ڪا ٻه راڄنيتي ٻوجهه ڪانه هئي؛ ماڻهو غفلت جي ننڊ ۾ غلطان هئا؛ انگريزي راڄ ۽ انگريزي سڀيتا تي ڇڙڪ اکن چڪن هئا ۽ اُن جي خلاف اکر اُچارڻ ٻه پاپ ڄاتو ويندو هو؛ تڏهن هڪ اهڙو لاثاني گلابي گل سنڌ جي صحرا ۾ پيدا ٿيو، ٽڙيو، پنهنجي سونهن ۽ خوشبوءِ ڏنائين، پر رڻپٽ ۾ پيدا ٿيل گل جيان سنڌ س سوڀيا ۽ سڳنڌ ۽ ٻين گڻن تي ڪو ٻه اکين چڪن ڪونه ٿيو؛ نڪو ڪنهن سنڌس ساراه جو گيت ڳاتو ۽ اڄ ڇڙڪ سنڌس يادگيري ڪنهن کي آهي ئي ڪانه.

ستل سنڌين کي جاڳائڻ لاءِ گيت ڳاتائين، آواز اُٿاريائين، پاڻ پتوڙيائين، پنهنجو سک آرام ۽ آئينده جو واڌارو سڀ

۾ ۽ روهڙيءَ جي مشهور سنڌ جي شهيد وطن شري هاسارام پمناڻيءَ جي ماهوار رسالي **"ڌرم درشن"** ۾ ۽ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي مسيلنيءَ ۾ پڌرا ٿيندا رهيا. ڪي سال اڳ مون سندس ڪجهه هٿ آيل بيت **"عاجز جا آلاپ"** جي نالي سان ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا هئا ۽ سندس هڪ ننڍي آکاڻيءَ جو ڪتاب **"ڪرم چڪر"** جي نالي ڇپايو هوم. سال ١٩٤٧ ۾ حيدرآباد جي ڪوڙومل ساهت منڊل معرفت "جيءَ اندر جنگ" جو ٻيو ڇاپو به پڌرو ڪرايو هوم.

١٩١٩ کان سندس ڪيترا هٿ لکيل مضمون وغيره هٿ ڪيا هئم. ١٩٣٢ ۾ سرڪار منهنجي رهڻ واريءَ جاءِ کي ڪانگريس آفيس قرار ڪري اها ضبط ڪئي ۽ ان جڳهه ۾ رکيل **شري راهڪرشن لئبرريءَ** سان گڏ منهنجا سمورا ڪاغذ به ضبط ڪيا ۽ اهي سمورا دستخط خواه ڇپيل ڪتاب ناس ڪري يا گم ڪري ڇڏيا، جنهن ڪري ڪيترو وقت انهن جي ڇپائڻ جي آس اندر ۾ ئي رهجي ويئي. ان بعد وري سندس لکيت ۽ جيوت جي واقعن هٿ ڪرڻ کي لڳو رهيو آهيان، سندس ڪيترن زنده دوستن سان ان باري ۾ وقت به وقت پئي گڏبو آهيان ۽ انهن کان حقيقتون پئي گڏ ڪيون اٿم. ڪن دوستن سندس باري ۾ جيڪي ڳاڻ لکي پئي موڪليو آهي، تنهن مان ڪجهه

وسار ياءِ؛ ماڻهن ۾ ڌرمي ٻوجهه، راجنيتي شناس، ديش پريم، آزاديءَ لاءِ اُڪير ۽ ترقي پيدا ڪرڻ لاءِ خوب جد وجهد ڪياءِ، ڪنگاليٽي ۽ فقيري حالت ۾ گذاريائين ۽ ٻراڳي ۽ تياڳي ٿي جيوت ڪاٽيائين؛ هڪ سنڌ جو سچو سپاٽو گياني، ودوان، شاعر، ليکڪ، فصيح زبان وڪتا (Orator) هو، پر سنڌس قدر ڪونه ٿيو. اهو مها پرش هو شريمت ٽولارام مينگهراج ٻالاڻي "عاجز".

سالن کان اها آرزو دل اندر سانڍيندو رهيو آهيان ته ان سنڌ جي اڪل لعل جــي جيوت ۽ ڪار يه عـام اڳيان اچن. ان لاءِ وقت بوقت اخبارن ۾ ليکه به لکندو رهيو آهيان ته ڪي نه ڪي سنڌس دوست ۽ متــر ڀائن جي اهو ڪم ڪن، پر ان ٻاري ۾ اڃا ته ڪا ڪوشش ڪانه ٿي آهي. سنڌس ڪجهه لکيتون انگريــزيءَ ۾ Priceless Pearls (بي بها موتي)، آتم قاوازي، گيان گيت، مذر مداح، ملڪ مداح، تعليم جو تارو، دادا ڀائي نئورو جي، مينهن جي رنــگ سـان نينهن جي جنگ، جيءَ اندر جنگ وغــيره سنڌس زندگيءَ ۾ ئي شايع ٿيا هئا ۽ سنڌس الـوپ ٿي وڃڻ بعد "ٻالڪن جو ٻل" يعني "قوم کي قوم کير تا بنائين" ۽ "گيان گلزاري" وغيــره ڪتاب ڇپيا هئا ۽ پوءِ به وقت به وقت کي سنڌس مضمون حيدرآباد جي ڇــداڪاشين جي ماهوار "پريم" پتــر

مهاتما ٽولارام جو مختصر جيون چرتر

نياريءَ جي سڀني ڏاڍي جڏهن ماٺو صفائن ڪري ۽ خوشين منائڻ ۾ مگن هئا، تڏهن سال ۱۸۸۴ع ۾ سنڌ جي هڪ ننڍڙي پر آواد ٿيل شهر نوشهري فيروز ۾ منشي ميگهراج ڀاٽيءَ جي گهر هڪ اهو لعل پيدا ٿيو، جنهن پنهنجي ورشني سچي پڇي ڏياريءَ جي ڏينن کان به وڌيڪ روشن نموني ۾ ڏني ۽ هڪ ڏياريءَ جو اڻ اُجهامندڙ ڏيو ٿي ويو.

ٻالڪ اوستا - هن لعل جو جنم جو نالو ٽولارام هو. پٽس سنڌيءَ آکهر جو سنڌر ۽ ننگانتو ماٺو هو. سندس ماتا ڌرم ۽ پوڄا پاٺ جي مورتي هوندي هئي ۽ کيس ڏاڍو پيار ڏيندي هئي. ٽولارام اڃا ڇهن سالن جو ئي ڪين ٿيو ته ماتا گذر ڪري ويس ۽ کيس مائٽيءَ ماءُ پالي وڏو ڪيو. پٽس کيس سکيا ڏيڻ لاءِ پنهنجي پڄنديءَ آهر ڪوشش ڪئي. پهرين انگريزيءَ ڪلاس چوٿين تائين تعليم نوشهري ۾ پنهنجيءَ پڦيءَ وٽ رهي، ماستر ٽيڪچند سچاهيملاڻيءَ جي نظر هيٺ ورتائين. چار درجا پورا ڪري پنجون درجو ڪراچيءَ ۾ پاڙهي پاس ڪيائين ۽ ڇهون درجو حيدرآباد جي نئون وديالي ۾ پڙهيو. اهڙيءَ شاگرد اوستا ۾ هو سچو ڏينهن پاٺ پڙهندو هو يا فوٽبال، ڪرڪيٽ وغيره راندين ۾ لڳو رهندو هو. ڇهين درجي انگريزيءَ ۾ هن نتن ۽

هن ننڍڙي ڪتاب ۾ ڏيندي رهيو آهيان، جنهن مان سنڌس زندگيءَ، ڪرمن ۽ وچارن جي ڇڳيري ٻروڙ پئجي سگهندي. سنڌس جيون جي باري ۾ جيڪي حقيقتون هٿ چڙهيون آهن، سي گڏي هن ڪتاب ۾ سنڌس ننڍڙو جيون چرتر ۽ ان سان گڏ اڳ ڇپايل "عاجز جا آلاپ" ڪتاب ۾ ڇپيل بيت ۽ وڌيڪ سنڌس هٿ آيل بيت، سنڌس وٽهه ڪافيون، مڏر مداح (سي حرفي) ۽ ڪجهه قومي گيت ڏيندي رهيو آهيان.

ڀارت جي ورهاڱي بعد ڀارت ۾ آيل سنڌ ٻين ۾ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۽ ساهتيه کي قائم رکڻ جي چڱي لهر لڳي رهي آهي؛ ۽ عاجز جهڙا اعليت جا صاحب سهڪار، جن سنڌي ساهتيه جي کيتر ۾ اوائل ۾ ٻاڻ موڪيو، سي اسان کي ياد ڪن آهن. گانڌي ڌام ۾ ٿيندڙ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي موقعي تي هن ڪتاب ٻڌري ڪرڻ جي اهڙي منشا آهي ته سنڌي جنتا کي سنڌ جي هن لڪل لعل جي ڪجهه جاڻ پوي ۽ ڪي سجهاڻ ڪرڻ جي سنڌس لکيل ساهتيه هٿ ڪري عام اڳيان آڻين، جا سنڌي ساهتيه جي کيتر ۾ هڪ وڏي سيوا ٿيندي.

٢٧ آڪٽوبر ١٩٦٠
نواب ڪا بيڙا، اجمير

پريداس برهمچاري

هنکي بلڪل تنگ وقت گذارڻو پوندو هو. حيدرآباد ۾
رهندي هن جي خيالن ۾ گهڻي ترقي آئي. اُو ودياليه جو
ديوان پريتداس هنکي ڄڻڪ پنهنجو پٽ ڪري سمجهندو
هو. ديوان پريتداس، ديوان ڏيارام گدومل ۽ ٻين اعليٰ
شخصن جي صحبت ۾ هن گهڻو ئي پرايو ۽ انهن سان گڏ
هن جو ٻهراڻين برهمو سماج ڏانهن لاڙو ٿيو، جتي
شري سين بابو، بابو نوبين ۽ پڳت نوپهند جي سنگ
۾ آيو ۽ انهي هن راڄ ۾ چڱو واڌارو ڪيو. ڀائي ڪلاچند
جي ٽڪاڻي ۾ به هو عام جام ويندو هو. ديوان
پريتداس ۽ ٻيا برهمو سماجي جڏهن شهر ۾ شراب، جوا
وغيره خرابين جي خلاف پرچار ڪرڻ نڪرندا هئا، تڏهن به
هي ئي سدائين ساڻن هوندو هو. هو نماڻائيءَ، ڌيرج ۽
سادگيءَ جي ته مورتي هو. ڏکيو ويکو سان اصل ڪانه
پوندي هيس. سندس شڪل سانوري، پيشاني ڪليل،
اکيون هميشه تجلدار، چهرو ڪلمڪو ۽ قد جو پورو پنو
هو. جيڪو به هيڪر هن سان لاڳاپي ۾ ايندو هو، سو
اهو ڀانئي محسوس ڪندو هو ته هن کي هڪ اعليٰ
مستيءَ جو انشو چڙهيل آهي.

ميدان ۾ - پڙهڻ لاءِ پيءُ خواهه ٻين وٽان مالي
مدد نه ملڻ سبب هن جو سڪولي ابياس ڇهين
انگريزي پاس ڪرڻ بعد ختم ٿيو. هنکي سرڪاري
نوڪريءَ لاءِ نفرت هئي ۽ ملڪ جي سيوا لاءِ اڪير
هئي. ديش سيوا جو ڀاءُ هن جي انگ انگ ۾ سمايل هو،

جوئين جا انگريزي ريڊر ۾ پڙهي ختم ڪري چڪا هئا.
ٽوڊيال جي بورڊنگ هائوس ۾ جڏهن رهندو هو،
تڏهن بورڊنگ هائوس جي سپرنٽينڊنٽ شري ڏيارام
گدومل هيڪر ظاهر ڪيو ته، ٽولارام جي شڪل ته،
ساڪريٽس (يونان جي سقراط) جهڙي آهي پر خيال ۽
عادت چڱيءَ آهي. اهڙي ني انس ۽ وڏي هوندي
هه سنڌ جو سقراط ٿيندو." اها اڳڪٿي اڳتي هلي
ڪيتري قدر سچي ٿي، سو هرڪو ڄاڻي ٿو.

انگريزيءَ، سنڌيءَ توڙي پارسيءَ جو چڱو محاورو
حاصل ڪيائين. انگريزيءَ ۾ ايترو ته اڀياس هوس جو
ڪن ڪن تعليمي ڪي مشڪل هوندو. سنڌ ۾ انگريزيءَ
۾ انهن جواب نثر ۾ عجب ۾ وجهندڙ هوندا هئا.
سنڌي ڪن ٿي هو، هڪڙيءَ ڪرتيءَ ۾ سارو، پورو ۽ هڪ
هه هزار ورڻ پاڻي هو. سنڌ ۾ هو ساريءَ ٿي سنڌ ۾
ماستر ڪي عجب اڳيان وڃو، پر هنجي حساب سان اصل
ڪين پوندي هئي. هڪ دفعي جي ڳالهه ڪئي ٿي
وڃي ته حيدرآباد ۾ امتحان ڏيندي سنڌ ۾ هڪ
ماستر، جو ڪيس ڪهڙو پاڻيندو هو، تنهن ڪيس حساب
جي ڪاپي ڏيڻ ڏهري. تن ڪري هن کي ايترو ته ڏک
ٿيو جو ٻيهر ٿي اهي فتو ڪري هليو ويو. پڙهڻ جي
مالي حالت سٺي نه هئي؛ انڪري هنکي وڏي تڪليف
ڏيڻ جي پاڻ ۾ سمرٿي ڪين سارو پائين. تعليم وٺندي
ٽولارام پاڪل صرفي سان خرچ ڪندو هو ۽ وقتي ته

ڪنهن جي سچي، پر ته به ايترو آهي ته گهڻن راين ڪري
دل روپي ديوار تي گهڻا مٿيا چٽ نڪري ٿا پون،
جنهنڪري ماڻهو مونجهاري ۾ اچيو وڃي ۽ ڪجهه
فيصلو آتت ڏيڻ وارو ڪونه ٿو ليهس. ست شري سوامي
هيمراج مهاراج جن ڏيکاريو آهي ته انهن اکري جهڳڙن ۾
ڦاسڻ کان، ڪنهن ڪار جهڙي مسئلي جي چنڊ چاڻ
پنهنجي سر پاڻ ڪجي ۽ اوڪيءَ وير ڪنهن ڪامل پرش
کان الجو آئر پڇي، ان تي عمل ڪري پرمانند جي
پراپتي ڪجي." هيءُ ڪتاب خود سوامي هيمراج جي
گدي نشين سوامي پرمانند صاحب چدا ڪاشيءَ جي
شري چرنن ۾ گهڻي پريم ۽ ڀڳتي ڀاءُ سان ارپڻ ڪيو
ويو آهي؛ جنهن مان پرسد آهي ته منڍ ۾ سنڌس
چدا ڪاشي مت ڏانهن ڪيتري ڪشش هئي. حيدرآباد
۾ شريمان ماسٽر جيوترام ٽؤ وديالي جي بورڊنگ جي
سپرنٽينڊنٽ جي سنگ ۾ سائين قطب شاهه جي درگاهه
تي ويندو هو، جتي پنهنجا ناهيل بيت ۽ ڪافيون مستيءَ
۾ اچي ڳائيندو هو. شروعات ۾ هن وديالي ۾ ئي ماستري
ڪئي. حيدرآباد ۾ رهندي هو راڄنيتي ڳالهين ۾ چڱو
ڀرو وٺڻ لڳو. ١٩٠٥ع ۾ بينگال جي ورهاڱي ٿيڻ
ڪري ملڪ ۾ جيڪو تاءُ پيدا ٿيو ۽ ان ڪري لشي ۽
ولائتي مال جي بهشڪار جي هلچل هلي، تنهن ۾ هن
خاص ڀرو ورتو. تڏهن جيڪا ڪلڪتي ۾ ڪانگريس
ٿي تنهن ۾ هو شامل ٿيو هو ۽ اتان موٽڻ بعد هو مٽرس

انگريزي هن ڏينهن شيوا واسطي پنهنجي شخصي واڌاري
جا خيال ترڪ ڪرڻ واجب ڄاتا. انگريزي ماڻهن جي
زور ڀريندي ۽ انهن ڏانهن عشق نه اڪرڻ وار پائين. هن کي
ڪيتري قدر ملڪي انگن اڳل ڪئي، سو اهي محسوس
ڪري سگهندا، جن سنڌ ۾ ڪيترا اخبار ۽ پڙهيون
هونديون. انهن ڪڍڻ وقت حيدرآباد ۽ ٻي هنڌي
جدا جدا مهاپرشن جي سنگ پرايو، سک پنٿ جي پوريءَ چاڙهڻ
واسطي هن انهن جو چڱو اڀياس ڪيو ۽ انهن لاءِ انگريزيءَ
۾ مسٽر مئڪالف آءِ. سي. ايس جا ڪتاب پڙهيائين.
آريه سماج جي ڪتابن جو به چڱو اڀياس ڪيائين. قرآن
شريف جو به انگريزي ترجمو چڱيءَ طرح پڙهيائين.
هڪڙي اهڙن ڪتابن ۽ دل کي شانتي ڪانه رسائي.
آخر سري گوسائي راڌاچرڻ ديوان ڪرمچند هنگوراڻي
ڊائرڪٽر ايجوڪيشنل انسپيڪٽر سنڌ ۽ ڀائي ٽولا رام نواچند
جي صحبت ۾ سوامي هيمراج جرداڪاشيءَ جا سڀ ڪرامت
پڙهيا ۽ انهن هن جي دل کي چڱي راحت ملي. سوامي
هيمراج جو لکيل ڪتاب ”گلزار معرفت“ جو هن سنڌيءَ
۾ ترجمو ڪيو هو، جو سنه ”آنند ڦلواڙي“ جي نالي سان
ڊسمبر ۱۹۰۶ع ۾ ڇپجي تيار ٿيو هو. ان ۾ هن لکيو
هو ته ” اڄ سڪو ساڻ ٿو سنڌ جي. سنڌ نه آهي ڪا
سنڀالڻ ڪنهن سان ڳالهه جي! سماج سڀڪا پنهنجي ايڪي؛
ڪنهن ڏي وڃي ڪنهن ڏي ڏيجي؟...... سماجن
سڀني جا ست منجهي پيا آهن. خبر نه آهي ڪا ڳالهه.

راءِ بهادر ديوان ڪوڙومل چندن مل کلناڻي، جو
شريمت تولارام کي دلي طرح ڄاڻو ۽ پائيندو هو؛ تنهن
ڪليڪٽر کي سمجهايو ته انهن ڪرڻ ڪري هنن کي
هتانئين مشهوري ملندي ۽ گوڙ وڌندو، انڪري اُتس
ڪيس ڪرڻ جو خيال لاٿو ويو، باقي سندس اخبار
ضبط ڪئي ويئي. پوءِ هن ”ديش ماتا“ اخبار جاري
ڪئي. ٿورڙن ٽائيمن ۾ ڇپجي ڪيندو رهيو، پر پوءِ پريس
ڇپجي ڏيڻ کان انڪار ڪيس؛ جنهن ڪري لٿي ٿي
ڪڍڻ لڳو. وقتي هٿ سان ڇپي ڇپي وارن نوٽيڪن
تي لکي ظاهر ڪندو هو، پر پوءِ هو به ضبط ڪئي
ويس. ”سنڌ شيوڪ“ نالي ماهوار رسالو پڻ جاري
ڪيائين، جو پوءِ هفتيوار ڪڍڻ لڳو. اهو به پوءِ پريس
ڇپجي ڏيڻ کان انڪار ڪيس. هن جي لکڻي بلڪل بي
ڊپي هوندي هئي ۽ سچائي سندس مول اُديش هوندو هو.
هن جي اخبار نويسيءَ لاءِ سنڌ جي مشهور ليکڪ
شري لعلچند امرڏني مل ڄڳتياڻيءَ ڪراچيءَ جي
روزاني ”هندستان“ اخبار جي ١ آگسٽ ١٩٤٦ع واري
پرچي ۾ سنڌي اخبار نويسيءَ جي تواريخ جي سري سان
مضمون ۾ لکيو هو ته ”سرگواسي تولارام بالاڻي ”ماتا“
نالي نيم سياسي اخبار ڪڍي هئي. هيءُ جوان تکيو
ڪونه، نه ته رنگ ڪري ها! هو ڏاڍو سمو اهڙو هو جو
واڻ مان وندي مالرم اکر ڪڍڻ سان سيکمت جهڙندي
هئي. پر هيءُ نڙيڳ اهڙو جو سرڪار جي نيتيءَ تي بي

تنهن سي نکري نروار ٿيو. ان وقت جڏهن ماڻهن ۾ انگريزن جو بلڪل ڊپ ڇڪائي هو ۽ سرڪار جي خلاف اکر ڪڇڻ ئي جيل جا دروازا کُليا بيٺا هئا، تڏهن هن بلڪل بي ڊپو ٿي لڳاتارون ڪيون ۽ سرڪار جي برخلاف تقريرون ڪندا ڪرڻ لڳو ۽ سوديشي جو پرچار ڪيو. هو ماڻهن کي ذهن نشين ڪرائڻ لڳو ته اسين سڀئي، ڌاڳي، نيلي ۽ ڪوڪي لاءِ به ڌارين ملڪن جا محتاج ٿي پيا آهيون. سوراڄي شري سوامي گووندانند ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي ٻڌائيندا هئا ته هو جڏهن حيدرآباد ۾ ڳڻجي ويو ته ولايتي ڪپڙي جي خلاف پڪاڻيندو هو، تڏهن ڪيترن ڏاڍن ڪپڙا جا گٺا کڻي ٻاهر ٻاري ڇڏيا ڪندا هئا ۽ ڪيترن وديشي ڪپڙا ڊاڪ جو ڏان ڪيو هو.

هن ان وقت اخبارون جاري ڪيون هيون، جن ۾ ڏورا ٽوڙيا مهاجنن جي اشتهار هوندي هئي. ان وقت هن جي اخبار لوڪيسي ڪيڙن جون اکيون چرخ ڪري ڇڏيون هيون. "صداءِ سنڌ"-Voice of Sind انگريزي ۽ سنڌي ۾ اخبار جاري ڪئي هئائين، جنهن جي مضمونن ان وقت جو حيدرآباد جو ڪليڪٽر مسٽر رائٽس جي ٻال چکو ڏيئان ڏيندو هو. هڪ دفعي هن سرڪار خلاف اهڙو زبردست مضمون لکيو هو جو ڪليڪٽر هن تي ۱۲۴ قلم هيٺ بغاوت جو ڪيس ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو هو، پر مشهور ساهتيڪار ۽ بنگالي سڌارڪ

ڪامورڪن کي ڏهڪاءُ هو، تڏهن جيڪي ٽي جولاءِ تي لوڪمانيه جي جيئنتي ملهائڻ ۾ شامل ٿيا هئا، تن ۾ شريمت ٽولارام به هو. اها جيئنتي حيدرآباد ۾ ٿليلي لئي رشي گهاٽ جي پرين ۾ پر ملهائي وئي هئي، انهيءَ موقعي تي ڪي وڏڙا ۽ شاگرد به هئا."

١٩٠٥ ۾ حيدرآباد جي قلعي ۾ جڏهن بارود ڦاٽو هو، تڏهن سڀ ڪنهن ماڻهوءَ ۾ هراس هو. تڏهن وديالیه بورڊ لڳه جا ڇوڪرا حيدرآباد جي گورنمينٽ هاءِ سڪول ۾ رهايا ويا هئا، جتي هنن ڏاڍو پئي رلوءَ سڏڪا پئي پيا ٿون. تڏهن شري ٽولارام انهن کي دلداري ڏيندو رهيو ۽ راتيون ڪاٽي، ڪين سڀ رات ويٺي ولڊرايائين.

جيڪي به اردو خواه انگريزيءَ ۾ سياسي مضمون جا ڪتاب نڪرندا هئا، سي هو بلڪل ڌيان سان پڙهندو هو. لالا منشيرام (سوامي شردانند) لالا هنسراج، سريندرناٿ بئنرجي، راش بهاري گهوش ۽ بپن راجنيتي اڳوائن جون تقريرون پڙهندي چت لئي چنجي ويندي هون هيس. هو ١٩٠٦ جي ڪلڪتي ڪانگريس اجلاس کان وٺي وقت به وقت ڪانگريس اجلاسن ۾ وڃي شامل ٿيندو هو ۽ اتان موٽي اچي سنڌ ۾ سياسي جاڳ پيدا ڪرڻ لاءِ تقريرون ڪندو هو.

ان وقت پبلڪ پليٽ فارم لئي بيهي ڳالهائڻ جي ڪورلو همت ساري سگهندو هو؛ پر هو ڪيترا دفعا حيدرآباد جي هومسٽيڊ هال ۾ به سياسي ڳالهين لئي تقريرون

ڏڪ نشاهدي ڪندو هو... سچ اچي ٿي ڏينهين نيال
لاءِ پڌرو ٿي ٿو. ڪير جيو سرڪار جي سبب ڪا
ڳجهي ڦڪي ڳالهه لڪي، لڪجي نه سگهندي! هن جي
"مال" اخبار سرڪار ضبط ڪئي ته هن ورتي ٻي اخبار
ڪڍي. الهيءَ تي نه سرڪار ته ستو. پر هن تي مونيو هئي
نه ڪيو. هن ان وقت "نعمر عو آزو" "دادا
ڀائي نوروڄي" اليءِ تي نئيا راجنيتي ڪتاب ڇپائي
پڌرا ڪيا. شعر لکڻ جي نه ابشورتي ذات ماڀال هيس.
"ملڪ مداح" ڏالي ڏوڪي پنهنجو ڪتاب به ڇپائي
پڌرو ڪيو هئائين، جنهن ۾ لاس ڪئي، سوديشيءَ
وغيره وشين تي پنهنجا خيال جو ڪتاب سرڪار ضبط
ڪري ڇڏيو."

سنڌ جي مشهور اخبار نويس شري لعل مهاراج
وشنو شرما شرع پنهنجي هڪ ٽريڪ ۾ لکيو آهي ته
"منهنجي شريمت ڀالچنڊ ساڻ ڪا شخصي لاڳو وچ نه
ڪانه ٿي هئي، پر جڏهن هو حيدرآباد وديالي ۾ ماستر
هو، تڏهن مان کيس اليئي ڏسندو هوس. حيدرآباد جي
هوم سنيد هال ۾ هڪ ڀيري اڪ ٻيو، تڏهن هن اتي
هڪ تقرير ڪئي هئي، منهنجو من تي تنهن جو اثر ئي
ذاتي واقعو ٿيو هو." شريمان وشنو شرما پنهنجي هڪ
مضمون ۾ لکي ٿو ته ۱۹۰۸ کان وٺي سنڌ ۾ ڪيئن
ملهائي ويندي هئي، تنهنجو هڪ ليک ۾ ذڪر ڪندي
ڏيکاريو آهي ته ۱۹۰۹ع ۾ جڏهن سنڌ ۾ هرهند

بيمارين وقت هن پاڻ وساري بيمارن جي خوب شيوا ڪئي. ڏکين جي مدد نہ ڪري سگهندو هو، تہ بہ سندن تن سان شيوا ڪرڻ ۽ همدردي سان هلي ڪين آٿت ڏيندو هو. سول اسپتال ۾ ويندي مريضن کي دلداري ڏيندو هو ۽ ڪين پنهنجا غزل ۽ گيت ڳائي ٻڌائي، سندن ڏک دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

هو هندستان جي سڀني جاتين جي ايڪتا جو خوب پرچار ڪندو هو. سندس ان باري ۾ قومي گيت بلڪل ڇڪيندڙ ٿيندا هئا. شراب ۽ ٻين نشيدار شين جي خلاف بہ پرچار ڪرڻ ۾ اڳرو رهندو هو.

سال ١٩٠٤ ڌاري هو پنهنجي جنم استان نوشهري ۾ آيو، جتي ڪجهہ وقت نوشهري جي پنچائتي انگريزي سڪول ۾ ماستر ٿي رهيو. انهيءَ وقت نوشهري ۾ رهندي هرڪنهن آرتوار ۽ وڏن ڏينهن تي نگر ڪيرتن ڪرائيندو هو، جن ۾ سائنس گڏ سڪول جو مئنيجر ديوان دليچند رام رکياڻي، مسٽر امرڏنومل داد لاڻي ۽ ٻيا بہ ڪي نوجوان هوندا هئا. ان وقت جهانجهن سان ڪتاري تي جڏهن ڳائيندو هو، تڏهن ماڻهو مست ٿي ويندا هئا. شاگردن کي جيڪي مضمون ۽ ترجما لکائيندو هو، سي بہ ديش ڀڳتيءَ، ايشور ڀڳتيءَ ۽ سڌاري واداري جي وشين سان ڀرپور هوندا هئا. جڏهن لالا لجپتراءِ کي ديش نيڪالي ملي، تڏهن ان لاءِ سندس هڪ شاگرد

ڪندو هو ۽ حيدرآباد جي گهٽين ۾ پرچار ڪندو هو.
سندس ٻنهين ڪي تورا مٺو ۽ شاگرد هئا ۽ ڪيس ڪا
[illegible] ڪان هئي ۽ ڪا مدد ملندي هئي، جنهن ڪري
سندس محنت اڙانگي ڪان ٿيندي هئي. سرڪاري نوڪر
۽ والاري ته ڪاٿس [illegible] و بندا هئا. مسلمان ته پيا
[illegible] هئا ته ڪو جرئو آهي جو [illegible]. سرڪار سان
[illegible]؟ [illegible] سان [illegible] ۽ [illegible] هي ۽ جوان
[illegible] ٿيو ۽ [illegible] ڪي لڳو رهيو.
[illegible] حيدرآباد، [illegible] ته ڪڏهن
[illegible] هو. [illegible] سکر، [illegible] ۾
[illegible] هو. [illegible] شاگرد هنڪي زور
ڪري [illegible] ۾ [illegible] ۾ ولي [illegible] هئا ۽
[illegible] ڪيس پنهنجي گهر ۾ رهائيندا هئا. هنجي رهڻي
ڪهڻي بلڪل سادي هئي ۽ ڪا به عادت ڪان هيس.

[illegible] سکر ۾ [illegible] ڪانفرنس ٿي هئي،
[illegible] ۾ [illegible] شامل ٿيو هو. [illegible] ملڪي مجنو ۽
[illegible] عشق ۾ آزاد ڪول هوندو هو. سندس مقصد
هوندو هو ته ”[illegible] ڪان، ڪاٿي [illegible] و[illegible]
جي“. [illegible] سوري ۽ [illegible] ڪري [illegible] جاتو.

ان وقت [illegible] اڌار جي [illegible] هلندڙ ڪان هئي،
[illegible] ڪون هوندو هو ۽ سب
ڪنهن ۾ ساڳي [illegible] جوش پسندو هو ۽ لوڪ
[illegible] پنهنجو [illegible] ۾ [illegible] هو. حيدرآباد خواه [illegible] هند

صوفي شاعر پير ڪمال الدين وٽ به چڱو اچڻو وڃڻو هو ۽ ڪيترو سندس شعر ياد هوندو هوس. سندس اِها عادت هوندي هئي جو ڪنهن به ساڌ سنت يا پير فقير جو ٻڌندو هو ته ڊوڙي اُن وٽ ويندو هو.

۱۹۰۹ ڌاري برهمو سماج جي پرچارڪن، جن ۾ راءِ صاحب ديوان پريداس به شامل هو، تن کي نوشهري ۾ پرچار لاءِ وٺي آيو هو ۽ شاهپوٽن جي پاڙي ۾ سندن پيچن ڪيرتن ۽ پرچار ڪرايو هوائين.

گرهست جيون - ننڍپڻي هن کي شادي ڪرائي وئي هئي، پر دنيا جي جنجال کان پري رهندو هو ۽ وشيه ڀوڳ کي زهر سمجهندو هو. سندس ڌرمپتني بلڪل سشيل ۽ شانتيءَ جي مورتي هوندي هئي، پر سندس پتا ۽ ٻين عزيزن کي هن جي هلت خواه ديش پريم ۽ ايشور ڀڳتي بلڪل ڪين آئڙندي هئي. هن چاهيو ٿي ته شريعت ٽولارام اها نياري راهه ڇڏي عام راهه اختيار ڪري؛ پر جنهن حق پڇاڻيو آهي، سي اصليت کي وساري فقط پيٽ ۽ ڪٽنب جا پوڄاري ڪٿي ٿا ٿي سگهن؟ هن کي مالي تنگي رهندي هئي جنهن ڪري سنگي ۽ شاگرد ڳجهيءَ طرح ڪيس مالي مدد ڏيندا رهندا هئا، پر ان عيوض هو انهن کي هڪ ته ٻيو ڪم ڪري ڏيندو هو. سندس پتا کي خبر هئي ته سندس مربي پٽ جي حالت تنگ آهي ته به هڪ پاسي سندس ديش ڀڳتيءَ جي ڪارڻ ڪري سرڪار جي ڏپ

جو جوڙ آهي ته ڄڻ ته ديوان ڏيچند سان ڳنڍ سيڙهي
جو ڪرڻ ڪي رڪاوٽون پيدا ٿيون هيون ۽ ڳالهه بندي ٿي مالوم
۽ پارسي مال جي کپت جا نعرا هڻايا هئا ۽ نئون شهر ٿي
جي سنگت جي صلاح ڏني هئي. ديوان ڏيچند سان گڏ
لالا لڇمڻ داس جي دانش ليڪالي ۾ تي اعتراض واري لاءِ
سنگ ۾ زبردست تقريرون ڪيون هيون. وري جڏهن
لالا جي آزاد ٿيو هو، تڏهن نوشهري ۾ اهو پرچار ڪيو
هئائين ته ۽ اسان جو راڄ "لڇمڻراءِ" آزاد ٿيو آهي، سو
ڏياري ڪريو. خود ٻاهر ليال ڪٽي ماڻهن ونڊ ويو ته
منهنجو ليال ڪم نه آيو ۽ مان تو ليال ڏياڻو.

نوشهري ۾ جڏهن سرڪاري انگريزي اسڪول جاري
ٿيو، تڏهن ان ئي مدرسي اسڪول واري رڪاوٽ ٿي هئي
منهنجي اخبار ۾ اعتراض ڪيو، جنهن ڪري اتر ڪيس
ڪيو ويو، جنهن ۾ حيدرآباد جا وڪيل سنڌس بچاءَ ۾
مفت آيا هئا، جنهن ۾ ڇٽي ويو.

نوشهري ۾ ١٩٠٢ ڌاري شيوڪ منڊلي ٺاهي هئي، ڪي
نوجوان جي سڀا شهر جي شيوا ۽ پرچار لاءِ جاري ڪئي
هوائين جنهن ۾ ڏهاڪو سچا سنڌس ساٿي هوندا هئا.

نوشهري ۾ رهندي ٻائي جيٺنداس جي نڪاڻي
جي مشهور ليائي ۽ جتي مهنت ٻائي ڪنولداس جي
سنگ ۾ گهڻو وقت گذاريندو هو. ٻائي دامودرداس
ساڻس گهاٽو سمبنڌ هوندو هوس. نوشهري جي مشهور

رهيو. ناٽڪن ۾ پارٽ ادا ڪرڻ خواهه ناٽڪن لکڻ ۾ ان وقت سنڌس وهـيءَ ۾ ڪو جهڙو ٿيو هوندو. هو جنهنجو پارٽ ادا ڪندو هو. اس پس اهڙو ٿي بڻجي ويندو هو.

اعليٰ شاعر ۽ ليکڪ - اهو اڳ ۾ لکيو ويو آهي ته هن ۾ شعر گوئيءَ جو معدو هو، حقيقت ۾ اهڙا ڪيس ايشوري ذات مليل هئي. هو اهو ڪن ڪاغذ ليکڻ کڻي اکيندي ڪنڌ نقلي شاعرن مان ڪين هو. هن جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ به شاعريءَ سان ڀرپور هوندو هو. جڏهن موج ۾ ايندو هو، تڏهن شاعري سنڌس مک مان بي اختياري پيئي ٽپڪندي هئي. هن گهڻوئي شعر پڙهيو، جنهن مان گهڻو هن وقت گم آهي؛ پر باقي جيڪو هٿ چڙهيو آهي سو به ڏيکاري ٿو ته هن اولهي راز اندر ڪيترو ٻوڙيو ته گهٽون ڏٺيون آهن. هن جو تخلص "عاجز" هوندو هو. هن سنڌ جي شاعرن ۾ زندگي آڻڻ لاءِ مشاعره جي شروعات ڪئي هئي ۽ پنهنجن اخبارن ۾ مصرع ڏيندو هو ته سنڌ جا شاعر ان تي پنهنجا شعر لکي موڪلين ۽ جي هو پنهنجي اخبارن ۾ پڌرا ڪندو هو. ڳائڻ ۾ اهڙو ته ماهر هوندو هو، جو ٻڌندڙ موهت ۽ بي خود بڻجي پوندا هئا.

نثر لکڻ جو ته ماهر هو. ڀڳوان ڪيس لکڻ جي عجيب شڪتي ڏني هئي. سنڌس "جيءَ اندر جنگ" ڪتاب هر ڪنهن جي پڙهڻ ۽ هنئين سان هنڊائڻ لائق

کان ۽ ٻئي پاسي سندس من دنيا جي ڪارڻن ۾
اڳتي اڳري هن ٽولارام جي ٻاهر نه اچڻ سبب سندس
ڏرمپتنيءَ کي هڪ رات بلڪل خراب حالت ۾ گهران
ڪڍي ڇڏيو، جنهن حالت ۾ ٽولارام کي ڪراچيءَ
روالو ٿي وڃڻو پيو ۽ هن کي وڏي مشڪلات کي منهن
ڏيڻو پيو هو. ان حال ۾ به هو بيپرواهه رهندو هو.

ڪرهستي هو. غريبيءَ سان لاڻون الڏيون هئائين پر
لـ به سندس هٿ ڏهرجالن ۽ الاڻن جي سهائتا واسطي
سدائين ڇوٽ هولدو هو. ڪجهه وقت دوائن جو دڪان
کوليائين، لڏهن به جيڪڏهن ڪو ڪيس دوائن جي
قيمت ڏئي وٺو نه ڇا، جي نه ڏئي وٺو نه ڇا؟ وري
بيمارن جي سار به بلڪل چڱيءَ طرح لهندو هو. بيمارن
کي دکي ڏسي پاڻ ڏايو دکي ٿيندو هو ۽ ڪين آئـمت
ڏيڻ جي هر ڪا ممڪن ڪوشش ڪندو هو.

لوشهري ۾ خواه حيدرآباد ۾ لانڪن کرڻ ۾ هو
خاص دلچسپي وٺندو هو. لڏهن حيدرآباد کان
سواءِ بين هنڌ ناٽڪن لاءِ ماڻهن ۾ نه فقط چاهه ڪو نه
هولدو هو، پر هتانئين انهن لاءِ ڏڪار هوندي هئي.
هيڪر جڏهن هو لوشهره ۾ هڪ ناٽڪ ۾ پارٽ کري
رهيو هو، لڏهن ان لئي سندس پيءُ کي ايترو نه خار
لڳو جو پادر لاهي وٺي اسٽيج تي اڇليائين. چي "تو
مونکي بدنام ڪيو آهي". ان لئي ڇڱن چڱن ڪيس
روالو کري ڇڏيو ۽ هو پنهنجو پارٽ ڪندو

پوئين وقت - حياتيءَ جو پوئين وقت نه هو
ملڪي مجموعه مان قري المست ٻڌجي پيو هو. هو
جدا ڪاشي مارگ جو شردالو هو، پر صوفي مت ڪيس
ڪنهي ڪٽي ويو. هو برهه ۾ بالو لوتي پيو. ڪڏهن
بيدل بيڪس جي مقبري لي، ڪڏهن ڪمبرڙيءَ
۾ روحل فقير جي استان لي، ڪڏهن قلندر لعل شاهباز
جي درگاهه ۾ ۽ ڪڏهن قطب شاهه جي قدمن ۾ پيو
ايندو ويندو هو. بکر ۾ هڪ مسلمان درويش جي پڙ
صحبت ۾ آيو. تڏهن مجازي عشق هن جي هِن پار
۽ هُن پار جي، پنهنجي ۽ پريتم پرميشور جي وچ پل
ٺهجي پيو. هو هڪ ڇوڪري کي پيار ڪندو هو،
جنهن کي پنهنجن ڪيترن بيتن ۽ ڪافين ۾ "فتح"
ڪري ڪوٺيو اٿس.

عاشق زهر پياڪ - وهه ڏسي وهسن گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشه همراڪ؛
لڳن لوڪ لطيف چئي، فنا ڪيا فراق؛
لوڙي چڪس چاڪ - ته به آهه نه سلن عام کي.

شاهه صاحب جي ان چوڻ جو هو سچو مثال هو.
برهه جي باهه ۾ نپي پوڻ کانپوءِ ته هن شاهه جي بتايل
منزل وڃي ماڻي.

"پوڻ گهڻا پچايا، تون پڄڻ کي پڄاءِ".

هيءَ ڳولس اهڙي لڪي لڳي هئس جو سندس لڳ
سداءِ ڪوسا رهندا هئا ۽ اکيون مثال جهان لعل پيهون

آهي. "گيان گلزاري" ڪتاب ۾ به چڱي پلٽ ڪئي اٿس. سندس ٻئي ڪتاب ۽ مضمون به واهه جا آهن. هن انگريزيءَ ۾ به ڪيترو شعر رچيو هو، جنهن مان ڪو نور وهڻ اچي سگهيو آهي. پارسيءَ ۽ سرائڪي ٻوليءَ تي به چڱو قبضو هوندو هوس. اردو ۽ سرائڪي ٻولين ۾ به ڪيترا شعر چيل اٿس. سندس نثر ۽ نظم ٻئي راحت ڏيندڙ آهي.

روحاني راهه ۾ - ديش ڀڳتيءَ سان گڏ پرڀو پريم به هن جي رڳ رڳ ۾ ڪٽيءَ ڪان سمايل هو، پر جئين وڌو ويندو، ليڪن هن کي سچي لعلن جي لنءُ وٺي وڌيڪ لڳندي ۽ گهڻو وقت ايشور ڀڳتيءَ ۾ ٿي مگن رهندو هو. سال ١٠-١٩١١ ۾ جڏهن اوشهره ۾ رهندو هو، تڏهن هو ڇڳيءَ منزل لاءِ ٻاهڙي پڪو هو. ان باري ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪيون وينديون آهن. سندس هڪ شاگرد ٻڌايو ته اوشهره جي وهندڙي تلاءَ ۾ سنان ڪندي ٽبي هٽي وهندو هو، تڏهن اتنرو وقت ته پاڻيءَ اندر رهندو هو. جو سڀني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندو هو، سندس پراڻن تي ڏاڍو ضابطو هو. ٻئي سچڻ جو چوڻ آهي ته "هڪ لڳا هنڪي سائين تلاءَ جي مٿان ٿلهي تي پير هيٺان منهن اونداهيءَ وقت اڪيلو ويٺل ڏٺم. منهنجو سياءُ اڙ ٻڪو هو، سو ته ڪيم هم، ته ٿم، تڙ وهائي ڪيڏي مالس، ان لئي هن اکيون کوليون، مون ڏانهن نهاريو ۽ وري اکيون بند ڪري ڇڏيون." اهڙو هو سندس پاڪ جيئل.

ڪي الست جو آواز ٻڌڻو آهي. اوائلي مجاز ۾ مدهن رکي، رلدي راز حاصل ڪري، هن ڀاڱي ڪسي ٻنسريءَ واڳر "عاجز" سمجهي، ان جي آواز جو اوزار ٻڌائي ڇڏيو."

سندس پريتم اکين ڏٺيون ڳالهيون تـو ڪري ته وٺي وٺي وجد (سماڌيءَ) ۾ اچي ويندو هو. ان ڏينهن لاڙڪاڻي ۾ گهاڙ واهه جي مٿان اوطاق ۾ رهندو هو. هڪ ڏينهن لڙيءَ منجهند جو وقت هو. جڏهن سندس پريتم ساڻس ملڻ ويو ته ڇا ڏسي ته عاجز جاڳندي به تن ۽ بدن کان بي خبر آهي. اکيون خدائي خمار ۾ هئس. مجذوبي حالت ۾ ڪڏهن پنهنجي پريتم "فتح" کي پڪاري سڏ ٿي ڪيائين جو درحقيقت سندس سامهون ويٺو هو، ته ڪڏهن رلائين ٿي. ڪيس دليا جي ڪاهه ڪل ڪاله ٿي پيئي.

پاڻيءَ سان پاڻي- "عاجز" هاڻي پنهنجي محبوب سان ملي هڪ ٿي وڃڻ لاءِ مائل هو.

چي "ڪهڙي منجهه حساب. هيڻ منهنجو هوس ري؟"

هن هاڻي پنهنجو جسم پنهنجي مرضيءَ سان ڇڏڻ چاهيو ٿي. هن اڳتر ڏيهان تيڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ خط لکي رکيو هو، جنهن ۾ وستار سان ڄاڻايو هئاءِ

"هي ٽولو رام ۾، هي رام ٽولي ۾
سنت جل ۾ جل ٿي ويندو."

۽ تيو ۽ انبن.

پرڏيهن هئس. الهن ابرڪن ۾ هن ائين ڪاڪيون
چوون، جي ڪاغذ جي ٽڪرن تي يا ڪنهن اونبوڪ ۾
ويندو هيو لکندو. سنڌس ڳالهڻ ۾ اهو سڪ ۽ سوز
هوندو هو، جو پڙهندڙن کي رئاري وجهندو هو.

سنڌس ٻين ٻرهه جي باهه ۾ ڪباب ٿيندو ويو.
هنڪي ٻرپر جي جر جلائيندي رهي. هوس لاءِ مالدو
هوندو هو. هن ٻاڻ هڪ ٻل ٻ ڏهاڙا سنڌس واسطي
مشڪل هوندو هو.

شڪارپور جو مشهور ليکڪ شري جهامنداس ٿو چوي.
پانيا هڪ هنڌ لکيو ته "عاجز" جي جهوس جو هڪ
پاسو هو ملڪي محبت، ته ٻيو پاسو هو سچي ملڪ جي
چورا ڪورا.

"وطن جن وساريو - حيف تني کي هوءِ."

اباڻن جي اڪثر ڪيس راليون ڏينهن رو ئاريندي
هئي ۽ سنڌس ياد اٿاريندي هئي. پيج سنڌس پنهنجن
سان لنڊڙي ني پڄجي ويو ٿو ڏسجي. هي ڪاهوڙو
ڪوچ ۾ اوچ ۽ آسڪ ڏسي، لمنهن جي ميدهن ۾ پسي،
سفر سٽيندو رهيو. هر هڪ پنهنجو ڪو ٻوجن ديوتا
ٻڌائي پيو گيت ڳائي. هر هڪ ڪنهن نه ڪنهن لگن ۾ چريو
آهي. لنڊڙو لکر جو لاڳر ٻوجي ميران پرم پد حاصل ڪيو.
هن رام جي هڪڙي ٽولي تي ۽ ڪنهن لنڊڙي "فتنم"
پائي ٿي ڏسجي، جنهن جي محبت ۾ مست ٿي، هن پاڻ

شرڌا جا گل ڦل

نڀنون نڀاهڻ آيو

(سرڳواسي ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي)

ديش ڀڳت ٽولارام مينگهراج ٻالاڻيءَ سان منهنجي واقفيت ١٩٠٧ ڌاري ٿي. هي سچ پچ اعليٰ درجي جو ڪوي، ليکڪ ۽ تقرير ڪندڙ هو. ڪوتا ڪرڻ جي ڄڻ ته ڏات مليل هيس. ويٺي ويٺي ڪوتائون پيو رچيندو هو. سنڌيءَ، انگريزيءَ ۽ اردوءَ ۾ چڱو ماهر هو. بنگال جي ورهاڱي ڪانپوءِ جيڪا ملڪ ۾ سوديشيءَ ۽ انقلاب جي هوا لڳي، تنهن جو اُنس گهاٽو اثر ٿيو. انهيءَ چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته هو ملڪي مستانو ٿي پيو. ملڪ جي آزاديءَ جي ڪيس تات لڳي ويئي ۽ ٻيو سڀڪجهه ڀلجي ويو. سنڌ ۾ قومي هلچل جي ٻاني وجهندڙن مان هي به هڪ برک ڪم ڪندڙ هو. ان زماني ۾ آزادي يا پورن سوراج جو ڪير نالو ڳنهي! ڌاريا ته ڌمالون ڪيدن، پر پنهنجا به پيا ٿنوليون ڪن! ڇي انگريز فيل مست تنهن سان آيا آهن ٻرميچڻ! جبل سان مٿڙ

لاڙڪاڻي ۾ رهندي شري سوامي ڌرمداس صاحب سان سندس چڱو ليکڻ جو لاڳو ۽ عرضا جو رستو هو. هن وٽ ايندو ويندو ۽ وقتي رهندو به هو. ١٣ جولاءِ ١٩١٣ع تي هو سوامي جن وٽ ويو ۽ کين چيائين ته "هاڻي وڃڻ ڪي نه رهيو."

اُن وقت سوامي آتمارام (سوامي ڌرمداس جي شش)، يڪدم اٿيو، ۽ هن سان گڏ گهاٽ تي سنان ڪرڻ ويو. ٻئي هن گهاٽ ۾ پاڻي ٦-٧ فوٽ مس هو. سنان ڪندي هن اها نه ڏٺي جو اوڙهه ٿي ويو. سج ٻڏ ٻنهي جي لڪڻ موجب جل سان جل ٿي ويو. ڪمس نه ٿي هٽي، پاڻيءَ اندر وهڻ جي ته هر ڪنهن کي ڄاڻ هئي، مگر جڏهن ٻئي وقت نه اُڪتو، تڏهن سندس سائين گهڻي ڳولا ڪئي، پر "عاجز" هجي ته لڀي! خوب ڳولا ٿي، نبيون هيون، يڪدم پيڙهون آيون ۽ مهاڻن گهاٽ ۾ جار وڌا، پر سڀ بي سود. هو ته جل سان جل ٿي ويو هو، سو شريرڪ صورت ۾ ڪيئن نه هٿ آيو؟ جن لاڙڪاڻي ۾ اهو ڪرشمو ڏٺو هو، ان مان ڪيترا اڃا جيئرا آهن ۽ ان معجزه جي شاهدي ڏين ٿا.

اهڙو هو عاجز، جنهن جي اَنترڌيان ٿيڻ کان اڳ نه پرچاڻ ڪي ۽ نه قدر ۽ پر

مرڻ اڳي جي مئا - سي مري ٿين نه مات ؛
هو لڌا سي حيات - جيئڻ اڳي جي جيئا.

نپٽ نرالو

(سرڳواسي شري لعلچند امرڏنو مل جڳتياڻي)

١٩٠٥ ۾ مان نوود ياليہ ۾ ماستر مقرر ٿيس. مونکي مٽرڪ وارن کي سنڌي ۽ ڇهين ۽ پنجين وارن کي فارسي پڙهائڻ جو ڪم رکيل هو. ٽولارام اُنوقت ڇهين درجي ۾ پڙهندو هو. هن ساڌ جي روش ٻين شاگردن کان نپٽ نرالي هوندي هئي. شاه جو هي بيت

”جي لهوارو لوڪ وهي، تون اُڀو وهہ اوڀار“

تنهنجو هي پورو پورو مهاڙو هو.

ڪلاس ۾ ماسترن وٽان مليل ڪم سو تہ هنکي ڏيوڻ ڪونہ لڳندو هو؛ پر سوالن جا جواب سدائين اهڙا پورا ڏيندو هو، جو ماسترن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيندو هو. **شعر چوڻ جي تہ ڏات هيس؛ سو بہ نہ رڳو سنڌيءَ ۾، پر فارسيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ بہ!**

عجب تہ هن ڳالهہ جو آهي تہ هڪ لڳا جاميٽريءَ جو سڄو سڌيان (Theorem) تنهنجو حل انگريزي شعر ۾ لکي پيش ڪيائين! ۽ اُنوقت اسان ماسترن جو اهو رايو هو تہ نہ رڳو شعر پڪو لکيو هئائين، پر سڌيان جو حل بہ پورو پورو ڏنو هئائين.

مان فارسي پڙهائيندو هوس، پر مونکي خود فارسيءَ **جي هن جيتري ماهيت ڪانہ هئي!** هنکان

هٿيون ته هندن جو مٿو نڪر نيندو. اها اُن وقت نه رڳو عوام يا جنتا جي منورٿي هئي پر جيڪي ٻاٽڪي تعليم يافته سمجهندا هئا، تن جا نيڙ به ساڳيائي هئا. اهڙي وايومنڊل ۾ ٻاٻل ۽ مست ٿي پنهنجيءَ ڌن ۾ رهي سگهندا آهن. شري ٽولارام اهڙن ٻاٻلن ۽ مستن مان هو. جيڪي به ان وقت ساڻن هٿ جڙهي سگهيس، تن جي ذريعي آزاديءَ جو پيغام سنڌ سنڌڙيءَ ۾ پئي پهچاياءِ. هڪ اخبار "ماتا" جي نالي ڪڍيائين، جنهن جي معرفت ء مٿيون پيغام ڏيڻ لڳو. پر ان زماني ۾ ڪهڙي پريس واري کي جرئت هئي جو سنڌس اخبار ڇپي؟ انڪري ٿوري وقت کانپوءِ سائيڪلو اسٽائيل تي پنهن جي اخبار جاري ڪياءِ. قومي راڳ به ڪتابي صورت ۾ شايع ڪياءِ، جنهن جو نالو "ملڪ مداح" رکيائين، جا چوڙي ڪجهه وقت کانپوءِ سرڪار ضبط ڪري ڇڏي. ڪجهه وقت کانپوءِ سنڌس لاڙو ڌرمي ڳالهين ڏانهن ٿيو، جنهن ۾ به هو اهڙوئي محو ٿي ويو جهڙو ملڪي محبت ۾.

جن هندستان جي ڀارت جي آزادي جو پايو وڌو تن ۾ شري ٽولارام به ليکيو ويندو. هڪ شاعر جي گفتار موجب چئجي ته "ڪم نه هٿڙس ڪو پيو، نينهن نباهڻ آيو، سو پلي جائو."

ڪراچي]   چوئٿرام گدواڻي

هئائين. مونکي چٽي يادگيري آهي ته هڪڙي مضمون جو سرو هن ڏنو هو

"اچو ته سرڪار تي به منٿ ڪلون!"

هينئر ته نريٽتا هند سنڌ جي ننڍي وڏي ۾ سمائجي ويئي آهي. اسان وارو سمواهڙو ڪين هـو. "بندي ماترم" چوڻ تان مائٽن ۽ ماسترن جا پوندا منهن ۾ جهلٽا پوندا هئا؛ پر هنجي نريٽتا جي حد ئي ڪانه هئي!

انهيءَ زماني ۾ هن ڪيترو ئي نظم توڙي نثر پلٽيو. ادب جي لحاظ کان هنجي مونسان خاص پريت هوندي هئي ۽ منهنجي صلاح هـو سرهائيءَ سان انگيڪار ڪندو هو.

پوءِ ته وچي روحانيت جا در ڪڙڪايائين ۽ پانياڻو ته سوامي رام تيرٿ وانگر هي به جل ۾ انتر ڌيان ٿي ويو.

٣١ آگسٽ ١٩٤٦

ڪيمچند شاهه رستو، ڪراچي   **لعلچند امر ڏنومل**

پهرئين نمبر جو شاعر

(سرڳواسي راءِ صاحب ديوان ڪرمچند هنگوراڻي رٽائرڊ ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر سنڌ)

اڄ اُن واقعي کي ٢٥ سال کان مٿي گذري چڪا

ڪاڍهن ڪري سوال پڇندو هوس ته وٽي بيت بازي شروع ڪندو هو.

١٩٠١ جي مئي واري مهني ۾ مان وديالي جي ماستريءَ مان فارغ ٿي، اوائلي وچي بالتڪس ۾ گهڙيس.

اسان اُنوقت هڪ "هندي ماترم" نالي منڊلي ناهي هئي؛ اُن جي سهاري هيٺ سنڌ ۾ پهرين پهرين دادا ڀائي نوروزجيءَ جو جنم ڏينهن هومسٽيڊ هال ۾ ملهايو ويو. انهيءَ جلسي جي ڪاميابيءَ لاءِ ٽولارام ڏاڍي جاکوڙ ڪئي هئي.

اُن ئي وقت حيدرآباد ۾ خانگي هاءِ سڪول اڪيڊمي ۽ وديالي هئا. هي وديالي ۾ پڙهندو هو ۽ سنڌ جي ڊاڪٽر چوئٿرام اڪيڊميءَ ۾. انهن ٻن ڇوڪرن جو موڪلي ۽ منهنجي همراهن کي ساٿ هو. ٽئين شاگردن جون ڀيرون اچي هومسٽيڊ هال ۾ مڙيون، ۽ دادا ڀائي نوروزجيءَ جو جنم ڏن ڏام ڌوم سان ملهايو ويو.

پوءِ ته ٽولارام پاڻ پڙهڻ کي استيعفا ڏيئي ملڪي ميدان ۾ گهڙي پيو!

پهرين پهرين سنڌي اخبار، جنهن ۾ صرف راڄ نيتي، سا به گرما گرم راڄنيتيءَ جي اُپٽار هجي، تنهنجو پايو هن وڌو. نچاڻان ته نالو اُنهيءَ اخبار جو "**ماتا**" رکيو

اهڙو گهرو اثر ڪيو هو، جو مون هن کي قرب سان نينڊ ڏني ته مون سان شڪارپور هلي، جتي مان هاءِ سڪول ۾ اسسٽنٽ ماستر هوس. هن جي دل ۾ به اهڙي ڪشش پيدا ٿي، جو هلي مون وٽ رهيو. اتي رهندي سوامي هيمراج صاحب جن جو اڙدو ڪتاب "گلزار معنيٰ" ترجمو ڪندو هو ۽ رات جو پنهنجن سوز ڀريل راڳن سان اسان جي روح کي ريجهائيندو هو؛ خاص ڪري جڏهن چانڊوڪي هوندي هئي ۽ ڪو موڪل جو ڏينهن هوندو هو ته پوءِ ته بس. مٿي ڪوٺي تي چندرما جي چمڪندڙ چانڊنيءَ ۾ ويڙهجي سڀ سنگي تيار ٿي ويهندا هواسين ۽ هي يار يڪتارو هٿ ۾ کڻي اچي جو درد جي آهن ۾ ٻوڙيندو هو ته ڪا رهندي هئي سڌ، ڪا ٻڌ؛ تان جو ٻنيراڪو اچي ٿيندو هو؛ تڏهن اسين فرش تي عرشي خواب لهندا سمهي پوندا هواسين. سندس راڳ ۾ غذب جو جوش هو. ڪيس ته اصل خبر ڪانه پوندي هئي. هڪ تڪ ٿي سندس ڪافي هوندي هئي. ٻگهر ۾ شل ٿي ويندو هو ته به ڪو بس ڪري.

"گلزار معنيٰ" جي ٻن چمن جو ترجمو پورو ڪري "آتم ديدار" ڀاڱو پهريون جي نالي سان پڌرو ڪيو ويو. ڪجهه وقت بعد سارو ڪتاب پورو ڪيائين جو "آتم ڦلواڙيءَ" جي نالي سان حيدرآباد جي ست ڌرم سڀا سوامي هيمراج ڇپدا ڪاشي

آهن، پر مون کان اهو ڏينهن ڪين وسرندو، جڏهن
اوچتو مونکي خبر آئي ته ٽولارام مينگهراج ٻالاڻي
گذاري ويو. ان وقت منهنجي دل جي ڪهڙي حالت
هئي، سا هاڻي به مان محسوس ڪريان ٿو. جيئن ڪنهن
ويجهي عزيز جي گذاري وڃڻ جي اوچتي خبر ملڻ
ڪري ماڻهوءَ جي دل کي صدمو لڳي، تئين منهنجي
حالت ٿي؛ ڇو ته منهنجو سنبنڌ ٽولي سان ڏهاڪي
سال ۾ ايترو ته گهاٽو ٿي ويو هو، جو منهنجي اندر ۾
هن لاءِ محبت رڳ رڳ ۾ سمائجي ويئي هئي. مونکي
ياد آهي ته اسين جڏهن پهريون پيرو گڏيا هواسين،
تڏهن اڻين سمجهيو هوسين ته اسان جي واقفيت گهڻي
وقت کان آهي. دل شاهدي ڏني ته اهو سنبنڌ پهريون
دفعو نه ٻڌو آهي ۽ جنمن جي واقفيت جو هي نتيجو آهي.
سن ۱۹۱۲ع جي ڳالهه آهي. هن جي ملڻ سان ئي سمجهي
آيم ته ٽولارام هيئنر ڪهڙي وٿ آهي. ان جي اندر
۾ برهه جي باهه ٿي ٻري؛ سندس اکين مان جوت
الاهي ٿي لڙڪي؛ ان جي رڳ رڳ عشق الاهيءَ جو
آلاپ ٿي ستايو؛ هن جو راڳ سياڻن کي ديوانو بڻائڻ
وارو هو. هن جي سچائي هر ڪنهن جي دل ۾ گهر
ڪري ويئي ٿي. هن جي نهٺائيءَ، هن جي
خوش خلقيءَ، هن جي منهن جي مرڪ، هنجي دل
جي صفائيءَ ۽ سچائيءَ، هن جي زبان جي فصاحت،
هن جي قلم جي طاقت، هن جي ديش ڀڳتيءَ مون تي

ڏينهن جا ڏينهن فقط ٿورا ڀڳڙا کائي گذر ڪندو هو.
جڏهن منهنجي بدلي نوابشاهه ۾ ڪراچيءَ طرف ٿي،
تڏهن گهڻو ئي لاڙڪاڻي ۾ رهندو هو. جڏهن گڏبو هو،
تڏهن پنهنجو حال ونڊيندو هو ۽ روحاني ورونهن ڪندو
هو. مان کيس ڏوراپو ڏيندو هوس ته جيڪڏهن پيسي
جي تنگي هئيئه ته مونکي ڇو نه ٿي لکي موڪليئه؟
تڏهن چوندو هو ته فقير جي صبر سان سختيون نه سهي
ته پوءِ اُن جي فقيري ڪهڙي؟ دک توڙي سک سڀ
يار جون منايون آهن. پڇاڙيءَ جو جڏهن مونکي گڏيو،
تڏهن ڏٺم ته اڌ به ڪونه وڃي رهيو هو. ڏينهن جا
ڏينهن پنهنجي روحاني وندر ۾ گمناميءَ ۾ پيو هوندو
هو. ڪاڏو پورو ڪين کائيندو هو، جنهنڪري سندس
شرير ڪرس ٿي ويو هو. ٻارڻ سان هلڻ لاءِ چيومانس
پر ڪين مڃائين. انجام ڪيائين ته تڪليف ۾ هوندس
ته لکي موڪليندس. تڏهن ڏٺم ته هو هينئر رواجي
جسماني زندگيءَ کان مٿي آهي. پڇاڙيءَ جي وقت ۾
سمتا جي ڀاو جو اڀياس ڪندو هو. اوچ نيچ کي هڪ
ڄاڻڻ، امرت ۽ وشنا کي سمان ڄاڻڻ، سڀ ۾ نوراني،
نور پسڻ، سڀ هنڌ هڪ وستوءَ جو ديدار ڪرڻ جي
مشق علم توڙي عمل ۾ پچائيندو هو. مونکي خبر آهي
ته پڇاڙيءَ جو کيس ڪيترا مشاهدا ٿيا، جن جو ڪجهه
انڀؤ مونکي ٿورن لفظن ۾ ٻڌائيندو هو.

ٿولارام سنڌ جو هڪ لعل هو. هڪ سادو سودو

وارن ڇپايو. سوامي هيمراج جي ٻين ڪتابن جا به ڪي ٿڪر ترجمو ڪيائين. پيا به سندس ڪيترا ڪتاب لکيل آهن، جي اڃا سوڌو اڻ ڇپيل رهجي ويا آهن. سندس هٿ اکر لکيل شعر مون ڪئين دفعا نظر مان ڪڍيو هو ۽ ڪانونس پڙهو هوم. مان پانيائنو ته اُن مان ڪو نوڙو ڇپيل آهي. پڙهيل ڇهه درجا انگريزي هو، پر قدرتي ڪيس ڳالهائڻ خواه لکڻ جي اهڙي ته ڏات ڏني هئي جهڙي ٿورن کي هوندي. نندي هوندي کيس اَجل ڪٽي ويو نه ته سنڌي ساهتيه جو هڪ مکيه ٿنڀو ٿئي ها. سندس لکڻي سليس، سندر ۽ سهڪ هوندي هئي. انگريزيءَ ۾ به گوهر هو. سندس انگريزي لوڙتي سنڌي اکر ته موتين جا داڻا هوندا هئا.

ٽولارام جي سوامي پرمانند صاحب سان به صحبت ٿي جنهنڪري سائنس هيڪر مفلر ڳڙه پڻ هليو. ڏاي ٻنهنجن سندر راڳن سان سوامي جن کي وندرائيندو هو. مهاراجن جو به مٿس ڏاڍو پيار هوندو هو ۽ اُنس ڪرپا جي نظر هوندي هئي.

ٽولارام مجازي عشق جو شائق هو ۽ اُن پاسي .ويو جهڪندو، ڪان جو اُن ۾ اهڙو ته محو ٿي ويو جو هن کي دنيا جي سڌ بڌ به ڪانه رهندي هئي. هن کي اُن مان اهو حقيقي رنگ لڳو، جو چا چئجي؟

هن کي سدائين پئسي جي تنگي رهندي هئي، پر ڪنهن ڪان به ڳهري کين وٺندو هو. ڪيترن وقتن تي

۽ شاگردن ۾ چڱا اثر پيدا ڪيا. سکر ۽ روهڙيءَ ۾ ڪيس لاڏلو تولارام ڪري سڏيندا هئا. تقرير ڪرڻ ۾ سندس فصيح زباني دل کي ڏاريندڙ ۽ ٺاريندڙ هئي. ڪلمه ۽ اصليت جو مالڪ هو. نقل ڪرڻ کيس نا منظور هو. عمر جو ننڍو، پر قابليت ۽ هوشياريءَ ۾ وڏو، پنهن جو مٽ پاڻ هو. دلير شير هڪ هو. ننڍو وڏو حاڪم ڪانئس ڏرندو هو. پوشاڪ ۾ سادو، ڪٿڻيءَ، رهڻيءَ ۽ ٻوليءَ ۾ مٺو منٺار هو. قوم ۽ ديش پريم جا سندس اندر ۾ مچ ٿي ٻريا. پرتگيا تي سدائين پڪو هو. ڪجھ وڌيڪ زنده هجي ها ته وڏيون ٽوليون ۽ سنسٿائون قائم ڪري ها.

سکر]   ويرومل بيگراج

املهه رتن

(پروفيسر تاراچند گاجرا ايم-اي)

هن املهه رتن ڪيترا نوان خيال سنڌ ۾ ڦهلايا. جيڪي ٿورا ورهيه هو هن مرتيو لوڪ ۾ رهيو، تنهن ۾ هن وچتر اوچن ويچارن جي ورکا ڪئي. هن سوديشي، سوراج ۽ پورڻ سوتنترتا جي ويچارن جو مکيه ريت پرچار ڪيو. ماڻهو کيس چريو ڪوٺيندا هئا، پر هو

اِنسان هــو. سندس اندر الاهــي عشق جــا مــچ برندا هئا. نمَس ڪشي ۽ جهد نہ ڪو ڪاٺمَس سڪي. ڀارت ماتا جو سچو ٻالڪ هو. هو ٻال، ڀال ۽ لعل ٽنهي راجنيتي جوڌن جي نانءُ تان قربان ويندو هو. جڏهن ديش ڀڳتيءَ جي جذبي هيٺ ايندو هو، تڏهن سر پير ڪان بي سڌ ٿي ويندو هو. راجنيتي ڳالهين ۾ ازحد دلچسپي هوندي هئس.

پهرئين نمبر جو شاعر هوندو هو. نظم ٺوڙي نثر ۾ جوش هوندو هوس. جيڪڏهن قدرت کيس ايا ڪجهه وقت ساڪي جامي ۾ رکي ها تہ ضرور ڪو اعليٰ تجلو ڏيکاري ها. پر قدرت کي ڪجهه ٻيو وڻيو هو. مکڙي ايا کلي گل نہ ٿي ڪين ٿي تہ خزان جي هوا اُن کــي ليڙون ليڙون ڪيو. موتڪي خاطري آهي تہ سندس جاءِ پرماتما جي پيرن ۾ آهي ۽ سندس جوت امر آهي.

ڪراچي ٢ جولاءِ ١٩٣١ع ڪرمچند ليلارام هنگوراڻي

اصليت جو مالڪ

(سرڳواسي شري ويرومل بيگراج، ايڊيٽر "سنڌي" سکر)

هيءُ نوجوان سانوري صورت ۽ موهڻيءَ مورت وارو ساهتيءَ جو وينل هو. سنڌ ۾ راجنيتي ۽ ڀڳتي سڌاري ۾ چڱو نانءُ ڪڍيائين. سندس ٽڙيل جواني

عاجز جا آلاپ

پاڱو پهريون - بيت

١. مالڪ جي مهما

ٻڌا لنهن جو ٻار - آهي اصل الله لئي ،
ڏس ڪيئن ٻالي ٻيٽ ۾ - ٻاجهارو ٻه ٻار ،
ٻار جمڻ کان اڳ، ٿي - پري کير ٿڻن ۾ ٿار ،
ايءُ ٻسي اسرار - اُجا تو عاجز ٿئين .

٢. پريوءَ جي پسڻ جو رستو

١. پسڻ چاهين پرينءَ کي - ته پرجهي پند پڇاءِ ،
۽ لڪ چاڙهه لراڙ لي - له آلڪِ پوڙي لاءِ ،
تڪي رُلُ رِلي ڪٽي - لڪي رهه هڪ جاءِ ،
عاجز سڪ سواءِ - پهڪ مسڙيٽي سي مري .
٢. پسڻ چاهين پرينءَ کي - ته دُولهين درد دڪاءِ ،
ٻاري مَچ محبت جو - لون جيڙي جان جلاءِ ،
اها رَڪم رمز جي - مڃجهه محبت واهه وهاءِ ،
اها ڪار ڪماءِ - جي مُهن ڏسين محبوب جو .
٣. در پسين دلبر جو - ته وڏي وڪ وڌاءِ ،
عشق آڳينيءَ ۾ - جهولي سر جهڪاءِ ،
وجهي ڪک قرب جا - متان ليلي طلب لڳاءِ ،
ته اُچين آهيءَ جاءِ - جتي درو دوس جو .

پنهن جو ڪم برابر ڪندو رهندو هو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن مان "جيءِ اندر جنگ" ڪتاب ته ڪماليت جي نشاني آهي. ٽيهارو سال پڙهئي ٿيا پر اڃا چاهنا پيني اٿم ته پيهر پڙهان. ڪوتا ناهڻ ۾ چوٽ مرا اوچ ڪوٽيءَ تي رسيل هو، جڏهن ته ڳالهائيندو ٿي ڪوتا ۾ هو.

آريه پرتنڌي سڀا ڪراچي | ٽاراچند گاجرا

موهيندڙ شخصيت

(شري پرسرام ٽهلراماڻي)

شري ٽولارام جي اندر ۾ برهه جي باهه ٿي ٻري. ٽولارام جي شخصيت موهيندڙ ۽ جادوءَ ڀريل هئي. مڌر آواز ۽ عجيب بحث جي ذات وارو هو. سندس لکڻي زبردست هئي. سي. آءِ. ڊي وارا سداءِ سندس پنيان هوندا هئا. هن اونداهي زماني ۾ سلطنتي راڄ خلاف آواز اٿاريو. هو جيڪڏهن زنده هجي ها ته مکيه راڄنيتي ۽ پنگتي ڪم ڪندڙ ۽ اعليٰ ليکڪن مان هڪ هجي ها.

ڪراچي | پرسرام ٽهلراماڻي

آئي ڇور ڇرڪڙو - ٻيا تہ لُڏا ڏٺيي ٻن،
ٻسڻ ڪارڻ ٻرڻ جي - دل ۾ ڪر درشن،
قربئون ڪجن ڪُنَ - اکر اِئي عاجز چوي،
۱۰. ويسهه[1] واهڙ منجهه - پکا اڏيا جنهن ٻنهن جا،
لنهن[2] ساهڙ صبوح سنجهه - اچي ٻاڻ ٻري ٻاٽي ڏئي۔
۱۱. منجي ٿيا مهمان - مالڪ جيڪي ماڳ جا،
دم ڪري ويا دان - دالهہ سي دلدار ڪي۔

۳. پنهنجو پاڻ سڃاڻ

۱. لون ڪيئن ٻٽيين [3]ب - اصل رکي [4]الف مان،
ڦريا ڇو ٻري وئين - تون ٻولي ٻولي [5]ب،
صفا صفائي کي ڇڏي - لون ڪر ٿبولي [6]ث،
حاصل ٿيئي [7]ح - تہ الف اکيئي عاجزا!
۲. ڳوتن ۾ ڳولين - تون ور وهاري هنجهہ ۾،
ديد گنوائي ديد جي - ڇو فڪر ۾ ڦولين؟
واليان ڏيهان روح ۾ - ڇو روح پنهنجو رولين؟
اکيون جي کولين - عاجز پاڻ ٿي پاڻ تون۔
۳. ليمهن سعدو لالو - جنهن رکيو لوُن لفيءَ سان،
ذڪر ذاتي حق جو - تنهن صحيح سڃاڻو،
اکر انالحق جو - ٻوئي ڳل پاڻو،
جاڻ اهو جاڻو - تہ اصل عاجز ساهيان۔

---

(۱) وهڪرو، واهه (۲) ٻرنتم (۳) ٻيڻو (۴) ايشور
(۵) ٻيائي (۶) ثابت (۷) حقيقت

٤. در پسين دلبر جو - تہ سوڙهہ صبر ڪر،
دردن جي دولهہ مٿان - لون سر سنماهي ڏي،
سارڻي سڀ صفات کي - لون ذاتي ڪر لطر،
تہ دم دم پسين در - عاجز عجب جو.
٥. در پسين دلبر جو - تہ لوڪ لاڳاپا ڇڏ،
هن هن کي ڪر هڪڙو - هوءَ کي ڇڏ م هڏ،
مان جي ملڪون اڪري - لون لا[١] جي وطن لڏ،
اتي سڪ سان سڏ - تہ سچ پسين سامهون.
٦. در پسين دلبر جو - تہ عاشق اوري اچ،
جوش جڳائي جيءَ ۾ - لون پتنگ والگي پچ،
لمڪ لوڙا ليهن جا - پالي انگسا لچ،
اڪي مڃارون سچ - سچ ڪرئي سڪ مون.
٧. سندي سچ سڪ - جني رکي جيءَ ۾،
لن سوز هين پنهنجي سر لي - سهائي سڀ لکہ،
أڌ ازالن أڌ ۾ - ڪري لسوڪون لڪ،
چاليءَ الدر چڪ - ڪري ڪونن پار ڪسي.
٨. محبت مڃهہ مريد - جي لون لڳين محب جو،
سوريءَ لي منصور جان - جي شائق لڳين شهيد،
خوشيءَ سان جي خلق جي - خواري ڪرين خريد،
تہ دريءَ مڃارون ديد - دوست پسائين دم ۾.
٩. ماپا مڃهہ مکهن - تي ويهہ تہ وڻجارا هٿي،

---

(١) لعل

٤. ڪارگر ھٿيار

١. نڪري ٿي تروار - تيز و تريءَ جو ڪٽي ،
نه برج ڍال ڪمر سان - ڀڃڻي قرب ڪٽار ،
ڪانهه ڪنهن ڪروڌ جو - سان تحمل جي تلوار ،
هل الک جي آڌار - ته عاجز ٽئين لنگھ اُڌ ٻر .

٥. ترڪ تنبو

سچڻ ھي سنسار - اٿئي سير سمنڊ جي ،
ٽارُونءَ کي ٽڪ ٽار مان - ڀڄائي ٿو پار ،
اَڻ ٽارُونءَ کي اَڻ پُچو - پسائي پاتار ،
تنهن ترڪ تنبو ڏار - متان عاجز ڪرهٽي ڪن ٻر .

٦. همت نه هار

١. جهڙي ۾ جهيڙو - ڪر جالب ذرو جيءَ کي ،
ڪڪر ڪارا آپ جا - ڪن هوت نه تو هيٺو ،
ٻڌي ٻڪ ٻساهه جا - لانهه ٻل ٻيٺو ،
قرلس لسي قيٺو - هر عاجز اميدن جو .

٢. لوڙي جهڙ ٻجهن - لهي ماندي ڪجه نه مڪڙي ،
سالڪ سو ڀهين سدا - تا سختيون سور سهن ،
ڏُکايا ڏُونگر جي - سي ڪيٽن ڪيڇه ٻڃن ؟
مُورم مرد منجهن - عاجز ٻڌ ٻرڻءَ جسي .

٣. وساسيءَ کسي وِکه - اليٺي امرت ٽٽي ،
ٽار ٻه ٽالڪهو لنهن کي - ڪُسن ٿياٻڻ لِکه ،
اَڻ هوندي مان اَن لڌ - هولڊ ڪري اَلڪه ،
سنگورن جو سڪه - آيد عاجز نه ڪڍي .

٤. ٻيهي ٻهڄي ٻساڻ ۾ - جن ڳنوائڻو ڀساڻ،
ٻيجل جي ٻاريءَ ۾ - تن جو ٻوڙو ٻاڻ،
ساجن کي سڪ سڳنين - سڌي ڪيو ساڻ،
مٿي ماڻهو مساڻ - عاجز آيا آپ ۾.

٥. اصل نه لون آدم - لون ذات اِلاهي جي،
جنهن کي روپ نه رنگ ڪو - اڪو غم وهم،
جتي ذهن نه رات آهه - لڪو هم نه لم،
جاءِ جنهين لي جم - اصل عاجز نه ڪري.

٦. وٿي منجهه (١)وجود - جنين جاچيو جيءَ کي،
آهن ڳنوائي لاٿين ۾ - (٢)ٻوڏ ڪيو نابود،
مِڻ ڳنوائي مِڻ سان - ٿيا مِڻ ۾ سي (٣)معبود،
سڀ ٻسڻ (٤)سجود - عاجز آهن ڪي ڪيو.

٧. وٿي منجهه وجود - جني جاچيو جيءَ کي،
اهيءَ جو ليرو لٽي - ٻوڏ ڪيو نابود،
هستيءَ جي هستيءَ سندو - وڃايو سرود،
عاجز خود بخود - ٻيا ساهون سڀ ٻسن.

٨. لڪا ڳهرج گيان جي - نه عبادت ضرور،
اڪو خيال خدا جو - نه ٻندونئي مشهور،
اولده جتي الذ الن - لڪي ڪجهه ظهور،
ٻا نور حضور - اُهي آلي آهه عاجزا!

(١) دل (٢) هستي (٣) ناس (٤) لمسڪار

هاڻ عاجز ٿي آهي - اڄڻ لاءِ آزيون ڪري،
ٿي سچائيءَ سان سنديءَ ۾ - جنهن مهل ڪان آءٌ ٿڪس.

١. سچو پريم

١. عشق الاهي ذات - پڙي ڪن پاڻ ٿي،
ملي نه ڏيهان ڏورئي - اکي رُنندي رات،
اکي پڙهندي پوٿيان - پره ڦٽيءَ پرڀات،
هيءَ درويشي ذات - **عاجز** منگ عاشق ڪان.

٢. ٻئي پرائي - پريت نه ٿئي ڪڏهن،
آگ پري جا عشق جي - آها نه اجهائي،
لوڙي پوي لنهن مٿان - پراڻ جو پاڻي،
سداء ساڻي - عشق عاشق سان عاجزا.

٣. ٻجهي هڪڙي ڳالهه - دلبر رکجه دل ۾،
نه سيئي ٿيا نهال - جن سمس لوايو سڪ اڳيان.

٤. سلا اپرن سڪ - اول سن محبوب ۾،
تهان پوءِ عاشق ڪي - چوهي اڇي چڪ،
اُتلي پوي اُن تي - درد ڌمالن ڌڪ،
ڳالهه اهائي هڪ - اُوڙهي آهي ٻجهه جي.

٥. نالڪا رکن ليئهن - چوالهي پنهن جي چت ۾،
سالڪ سواريءَ لئه - شوق جو پالن شيئهن،
انهن کي **عاجز** چوي - راحت راتو ڏينهن،
پيان پولدن مينهن - وسي مٿن مهر جو.

٦. لڪن ليلايو - جي ويدا سي ورسيا،
محبت پيان منگنا - چڙي مالڪ موٽايو،

٧. ٻوٽڙا

دلي دلگي ۽ دلسڪ - ميرو ڪپڙو من جو،
جڏهن سوپيا ڏني سنڪ - تڏهن صاف ٿيڙي سنڪ ۾.

٨. اهنڪار ڇڏي نمرتا ڌار

١. اُنهالي ڪي الڏ - هؤمي جو هردم رهي،
هلي هيٺ ۽ هڏهين - ڪري ڪياڙي ڪنڌ،
پنهنجي لئه ٻوري اکيون - ٻسي ڏاڍين جو درڪند،
عاجز ٻري ٻنڌ - اُن لئه آلسد ڏام جو.

٢. اهم جو آزاهه - ڪو ٽارون ٽري لنهن مان،
ٻالڪا الهيءَ اهر ۾ - ڪيئي ٿيا تباهه؛
ٻيا ولجهه وڙاڻ جي - ٻيو ٻيڙيءَ لاهي واهه،
هادي جنهن همراهه - سي عميق ۽ عاجز ڪيا.

٣. ڦڙين ڏين ٽهال - ڪمين ٻالڪا ٽطر سان،
اُچي رهه اُنهن سان - جي ڪهڙ چاهين ڪال،
وڻ ٽن وڻهي ڪري - ونجه واقف وصال،
سڄڻ نيٺ سوال - ٻار ٻهچانيندو پالڻي.

٤. لفيءَ جو لعرو - جنهن لالکي هنيو ليڙهن سان،
صورت سيرت سير مان - ڏريو سالڪ سوپارو،
لاهوتي لهرين مان - وٺو لسڙهي لهوارو،
عاجز آڪاڙو - هڪ تيس هڪ حق سان.

٩. تياڳم مهما

دوڙلدي وينڌي هئي دليا - جيئن ٻنبانس ٿي ٻيڪس،
